شازيہ پتافي

# سچل سرمست رح جي شاعريءَ ۾ مذهبي رواداري ۽ برداشت جو پيغام

***Abstract***

**MESSAGE OF RELIGIOUS HARMONY AND TOLERANCE IN THE POETRY OF SACHAL SARMAST**

*We are living in turmoil conditions, to make this world free from the racial hatred and differences religious harmony and tolerance is needed. The prime objective of the religion is to guide the mankind towards the right path rather than to create differences and hatred. Mostly people use the religion to achieve their wasted interests which is the main cause of loss of unity and love among the people. Sufis are the people who always raised their voice against the evil practices of the society.*

*Sachal Sarmast is one of the great Sufi poets of Sindh, in-fact of the world. We find the elements of intuition, exaltation and euphoria in the poetry of Sachal Sarmast. Sachal Sarmast believed in the Wahadat-ul-Wajood and he preached the same through his poetry. Sachal believed that all the human beings are siblings of Hazrat Adam (A.S.) regardless of being Muslim, Sikh or Christians. He says that division of mankind on the basis of religion is un natural. Sachal Sarmast is the poet of love so he preaches love and he lays emphasis on the purity of heart and soul. Today we have lost tolerance opponents are treated as enemies. Only and only through tolerance and respect for others beliefs society can grow into a harmonious and united one, for which well wishers of the mankind have ever been striving. The*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*poetry of Sachal Sarmast carries the message of religious harmony and tolerance.*

**سنڌي** ٻوليءَ جي بيباڪ ۽ جرئتمند شاعر سچل سرمستؒ جو تعلق ٽالپرن جي دؤر سان هئو. هو ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ "درازا شريف" ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو عبدالوهاب هئو. والد صاحب سن 1152ھ بمطابق 1739ع جي وفات ڪان پوءِ پنهنجي چاچي ميان عبدالحق جي تربيت هيٺ رهيو، جنهن کيس عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم بہ ڏني. سچل سرمست سنڌيءَ ڪان سواءِ فارسي، سرائڪي، اردو ۽ پنجابي ٻوليءَ ۾ بہ شاعري ڪئي آهي. فارسيءَ ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب آهن. سنڌ جو هي عظيم صوفي شاعر 14 رمضان شريف 1242 هجري بمطابق 1826ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. ان تاريخ تي هر سال سندس درگاھ تي درازا شريف ۾ عرس ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ هزارين عقيدتمند شريڪ ٿيندا آهن.

سندس شاعريءَ ۾ اسان کي مستي، مدهوشي ۽ وجد واري ڪيفيت ملي ٿي. ھُو "وحدت الوجود" جي فلسفي جو پرچار ڪري ٿو.

سچل سرمست محبوب جي حُسن جو جلوو هر هنڌ ڏسي ٿو، پر اجا بہ ائين چئجي تہ ھُن مطابق آهي ئي صرف هڪ ڪائنات جي مالڪ جي ذات- هر هنڌ، هر جاءِ ۽ هر روپ ۾، جنهن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪيئي روپ ٺاهيا آهن. هن دنيا جا گهڻا عقل وارا ماڻهو انهن مختلف روپن ۾ سندس جلوو يعني ڪثرت ۾ وحدت ڏسڻ ڪان قاصر آهن. ھُنن ظاهري روپ جي فرق مان ذات جي الڳ هجڻ جو گمان ڪري ڪيئي فرقا ۽ فرق پيدا ڪري ڇڏيا آهن. انهن فرقن کي بنياد ٺاهي نفرتن جا ٻج پوکيا آهن، پاڻ کي وڏ ۽ ٻين کي گهٽ ڏيکارڻ جا بهانا ڳوليا آهن. انسانن اهو وساري ڇڏيو آهي تہ اهي مسلمان، هندو، عيسائي، سِک ۽ يهودي پوءِ آهن، پهرين انسان آهن. سچل سرمست ان ٻيائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هاديءَ جي حقيقت بيان ڪري ٿو:

ذاتِيءَ مَنجهہ ذاتِ ڇُپائي، بازي جا يار بنائِي!
هاديءَ حقيقت حال جِي، مون کي ساري سُڻائِي،
سَيڪنهن ۾ سڄڻِ، نوبت نينهن وڄائِي،
ڪاٿئين 'اناالحق' جي، تن چوٽ تہ چلائِي،
'انا احمد بلا مِيم'، اِها معنيٰ مڙيائي،

ڪاٿئين سِيتن ۾، ٿيو خاصو خدائي،
موتي مڙهين وچ ۾، تنهن مالهان ڦيرائِي،
ڪاٿئين وِٽ نہ وارُ جِي، تي ڪاٿئين جُدائِي،
ڪاٿئين مٿي تخت جي، ڪاٿئين گدائِي،
اندر ٻاهر هڪڙو، آهي صورت سَيائِي،
ڳالھہ نہ سمجهڻ جهڙي، پر سَيا سمجهائِي،
ڪافِر مومِن هِڪڙو، 'سچوبُوڙج ٻِ ٻيائِي.

**(سچل جو رسالو، ص – 78)**

دنيا مان فرق ختم ڪرڻ لاءِ مذهبي رواداري، سهپ ۽ برداشت جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ مذهب جو مکيہ مقصد انسان ذات جي رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ آهي، نہ نفرتون ۽ ويڇوتيون پيدا ڪرڻ!

"ماڻهن ۾ محبت ۽ اتفاق، امن ۽ سلامتي، ڀلائي ۽ بهتري آڻڻ واسطي، جي راهون ۽ رستا، طريقا ۽ تجويزون سوچيون يا رٿيون ويون آهن، تن ۾ مذهب کي مکيہ درجو حاصل رهيو آهي. جيتوڻيڪ دنيا جا عالمگير مذهب بنيادي طرح ماڻهن کي محبت ۽ امن جو سبق سيکارڻ ۽ سندن فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ ايجاد ڪيا ويا هئا، ليڪن تجربي مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ انهن کي اڪثر ڪري شخصي ۽ گروهي مطالبن ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آندو ويو آهي، جنهن ڪري مذهبن ماڻهن ۾ اتفاق جي عيوض نفاق، محبت جي عيوض نفرت، عقل جي عيوض وهم پرستي ۽ سڌاري جي جاءِ تي بگاڙو پئي پيدا ڪيو آهي." (سيد، جي.ايم، 2008، 85)

جڏهن تہ صوفيءَ جي دنيا الڳ آهي، جنهن ۾ مفاد، نفاق، نفرت لاءِ ڪائي جڳھ نہ آهي. اردوءَ جو مشهور ليکڪ ارشد محمود پنهنجي ڪتاب "تصور خدا" ۾ صوفيءَ جي خدا جي تصور متعلق لکي ٿو:

"خدا کي حاصل ڪرڻ ۽ هِن ڪائنات سان هُن جي رشتي کي سمجهڻ لاءِ انساني شعور هڪ ٻئي موڙ تي پهتو، جنهن کي تصوف چون ٿا. هي انساني شعور جي ڏاڍي لطيف (Subtle) داخلي ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن ۾ انسان هڪ اهڙي روحاني ۽ وجداني تجربي مان گذرندو آهي، جنهن ۾ سڄي ڪائنات پنهنجي مادي ۽ روحاني معنيٰ ۾ هڪ اهڙي وجد انگيز نقطي تي سهيڙجي اچي ٿي تہ ان ۾ شين جي انفرادي

حيثيت جي ڪائي معنيٰ نہ ٿي رهي ۽ صوفي لامحدوديت (Infinity) جي اٿاهہ سمنڊ جي وهڪري ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن ۾ نہ 'مان' رهندي آهي، نہ 'تون'- صوفيءَ جو فڪر ۽ نظر سڄي ڪائنات کي گرفت ۾ آڻي ٿي ڇڏي. ان ۾ مادو، روح، پٿر پهاڙ، وڻ ٽڻ، زمين ۽ آسمان، زندگي ۽ ڪائنات جا سيئي نمونا هڪ ئي رنگ جا مختلف روپ ٿي ويندا آهن، انڪري اهڙي ڪيفيت ٿي ويندي آهي، جو انهن کي خدا هر هڪ ذري ۾ نظر اچڻ شروع ٿي ويندو آهي، بلڪ هر ذرو خدا ٿي ويندو آهي. ائين وحدت الوجود جو هڪُ پر اثر فلسفو ايجاد ٿيو. خدا: جنهن تي مروج مذهب پنهنجا حق محفوظ ڪري چڪا هئا ۽ ان کي مختلف نالا ۽ روپ ڏيئي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو هو. خالق ۽ مخلوق جي ٻيائيءَ ۾ خدا محدود ۽ شخصي نوعيت اختيار ڪري چڪو هو. خدا سان گڏ انسان بہ ورهائجي ٿي ويا. مذهبن ماڻهن ۾ خدا جا بت ورهائي ڇڏيا ۽ توهم پرستي پيدا ڪري انهن جو خوب استحصال ڪيو... پنهنجون پنهنجون عبادتون، رسمون، مقدس ڪردار ۽ مقام وجود ۾ آيا. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن کي صحيح چئجي. هر عقيدي وارن وٽ انهن جو مال 'سچو' هو ۽ ٻين جو بلڪل 'باطل'... ان صورتحال ۾ صوفي اڳيان اچي ٿو ۽ خدا کي گروهي ۽ انفرادي ملڪيت جي پنجوڙ مان ٻاهر ڪڍي ٿو". (2010، 101)

سچل سرمست بہ "هر ذري جو خدا ٿيڻ" واري فلسفي ۾ يقين رکندو هو، نہ صرف يقين، پر ان نظريي جو پرچارڪ بہ هو، ڇاڪاڻ تہ اهو نظريو سيني فرقن کي ختم ڪري رواداري ۽ سهپ جو ماحول پيدا ڪري ٿو. جڏهن هر هنڌ ساڳي ئي هڪ ذات موجود آهي تہ پوءِ ڪنهن جي عظيم هجڻ يا ڪنهن جي گهٽ هجڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي:

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو!
ڪاٿئين حنبل، شافعي، ڪاٿئين مالڪ، نعمان،
ڪاٿئين پَٽي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن،
ڪاٿئينَ لاالحق چوي، ڪاٿئين ڦيرائي فرمان،
ڪاٿئين طفوليت ۾، ڪاٿئين پير جوان،
ڪاٿئين مير وزير ٿيو، ڪاٿئين ٿِيو دربان،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪاٿئين احمد بلا ميمي، ڪاٿئين ھنومان،
'سچو' پيو صبر ۾، هوءِ حيرت ۾ حيران!
**(سچل جو رسالو، ص – 81)**

صوفين وٽ ڪفر ۽ اسلام جي تشريح الڳ آهي. انهن وٽ منافقي ۽ رياڪاري سخت نفرت جي لائق آهي. سچ جي اهميت آهي. صوفين جي تعليم مذهب جي بنياد تي نفرت جي سخت خلاف آهي. جيئن سنڌ جو هڪ ٻيو صوفي شاعر روحل فقير چوي ٿو:

ڪفر ۽ اسلام ۾، ٿا پرن ابتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، تيون وچ وڌائون وير،
انڌن اوندهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
'روحل' راهه پرين جي، گهمي ڏٺوسون گهير،
نه رب مڙني ۾ هيڪڙو، تنهن ۾ ڦند نه آهي ڦير.
**(روحل فقير)**

## صوفياءِ ڪرام ۽ اهلِ طريقت وٽ:

" هرُ اها ڳالهه جا خود مطلبيءَ تي مبني هجي، هر اها ڳالهه جنهن مان نفرت ۽ نفاق پيدا ٿيڻو هوءِ هر اها ڳالهه، جا رضامنديءَ جي خلاف ۽ زور زبردستيءَ ذريعي عمل ۾ آندي وڃي ۽ هرُ اها ڳالهه جنهن مان انساني اتحاد، امن ۽ ترقيءَ خلاف فرقيوارانه ۽ گروهه بنديءَ جي بوءِ ايندي هجي، سا ڪفر هئي، پوءِ ڪٽي اسلام جي لباس ۾ ان کي ڍڪيو وڃي." (سيد، جي.ايم.، 2008، 88)

هن دنيا ۾ جتي محبت جي پرچار ڪرڻ وارا آهن، اتي ان ڪان وڌيڪ نفرتون پيدا ڪرڻ وارا به آهن. هر ماڻهو پنهنجي مذهب جي باري ۾ ڏاڍو جذباتي هوندو آهي. نفرتون پيدا ڪندڙ موقعي پرست انهن جي جذبات کي ڀڙڪائي، برداشت کي ختم ڪندا آهن ۽ هر ان آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪو سهپ ۽ ڀائپيءَ جو سڏ ڏيندو هجي. سچل سرمست اسان کي خبردار ڪندي چوي ٿو ته سڀ انسان آدم عہ جي اولاد آهن- هندو توڙي مسلمان. ڪنهن ُٻل جو شڪار نه ٿيو ۽ ان ڳالهه کي عام ڪرڻ ڪان به نه ڪيٻايو، ٻلي ته اوهان کي به منصور وانگر سوريءَ جو سينگار ٿيڻو پوي.

' سچو' سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف ھؤن آدم ٿيو، ڪري هنگامون ھل،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هندو مؤمن سو ٿيو، پول نہ ٻئي ڪنهن ٻِل،
“ خلق الاشيَاءِ ڪُهو عيُنها” اِهو آڻ عَمَل،
تج گلابي ڳُل، مَرُ مارنِئِي منصور جان.
**(سچل جو رسالو، ص – 87)**

اج اسان کي چؤطرف جيڪو افراتفري ۽ جهيڙي فساد وارو ماحول نظر اچي ٿو، هر هنڌ رتوچاڻ لڳي پيئي آهي، ان جو بنيادي سبب سهپ ۽ هڪ ٻئي لاءِ محبت ۽ احترام جي کوٽ آهي. اهڙي ماحول ۾ عزت، مذهبي رواداري ۽ برداشت جي اهميت وڌي وڃي ٿي. جڏهن سڀ انسان آدم عہ جي اولاد آهن تہ پوءِ ڪين ورهائڻ غير فطري آهي. سڀني جو پيدا ڪندڙ، رزق ڏيندڙ هڪ آهي، جيڪو رب العالمين يعني عالمن جو رب آهي، انڪري:

“صوفي جملي انسان ذات کي هڪ بدن سان تشبيهہ ڏئي ٿو، جنهن جا عضوا هڪ ٻئي کان جدا ٿي نٿا سگهن. هن جي نزديڪ صحيح انسانيت ان کي چئجي، جو هڪ ماڻهوءَ جو ايذاءُ ٻئي کي محسوس ٿئي.

انسانيت کي مذهبن، فرقن، گروهن ۽ قومن ۾ ورهائي جدا ڪرڻ کي هو دينِ فطرت (اسلام) ۽ مفاد انساني جي خلاف ٿو سمجهي. هو ماڻهن جي، مذهبن، رنگن، نسلن ۽ نظرين جي نالي ۾ ورهاست مصنوعي ۽ مضر ٿو ڄاڻي.” (سيد، جي.ايم، 2008، 158)

جڏهن تہ ظاهر پرست مُلان اندر کيُ ڄاڻ جي ڳالهہ نہ ٿو ڪري. مذهب جي نالي ۾ انسانن کي ورهائي ٿو. انڪري صوفي ۽ مُلان جي نظريي ۾ هميشہ فرق رهيو آهي. سچل سرمست محبت جو شاعر آهي. هو مُلان کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ نينهن وارن سان سختي ڪرڻ مناسب نہ آهي. حقيقت کي سڃاڻ، جڏهن توکي حقيقت جي پروڙ پئجي ويندي تہ توکي تنهنجو محبوب پنهنجي اندر ۾ ملندو:

پرين نا ٻئي پار، ميان، جانب تنهنجي جان ۾، آخوند ري!

سبق ڏئين نہ سُور جو، ڪتابي نہ ڪار،
حرف صحيح ڪر هيڪڙو، ورق سپيئي وار،
نينهن وارن کي ناحقي، مُلا هيئن مَ مار،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

راتو ڏينهان آهي توئي ڪي، ڪتابن جي ڪار،
ٻاجهون نالي نينهن جي، ‘سچو’ سبق وسار.

**(سچل جو رسالو، ص – 482)**

صوفي اندر جي اجارڻ جي ڳالهه ڪري انسان جي ڪردار کي سنوارڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. هو حضور اڪرم ﷺ جن جي تعليم جي صحيح ترجماني ڪري ٿو، جنهن مطابق ڪنهن عربيءَ کي عجميءَ تي، ڪنهن اڇي کي ڪاري تي ڪا فوقيت حاصل نه آهي. جيڪڏهن ڪو وڏيڪ عزت وارو آهي ته صرف تقويٰ جي ڪري، پنهنجي عمل جي ڪري. سائين جي.ايم. سيد پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پيغام متعلق لکي ٿو:

“رسول مقبول ﷺ جو آخري پيغام ۽ سمجهاڻي اها هئي ته ماڻهو قبيلائي دؤر مان نڪري جمهوري دؤر ۾ گهڙي چڪو هو، انڪري هو مساواتي بنياد تي آزاد هو. انڌي تقليد وارو زمانو ختم ٿيڻ وارو هو. هو ماڻهن جون، انسان ذات جي وچ ۾، مذهبن، رنگن، نسلن جي نالن ۾ ڪڙيون ڪيل ديوارون ڊاهڻ آيو هو. ماڻهن کي، عقل جي رهبريءَ ۾، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جي بنيادي نڪتن جي روشنيءَ ۾، باهمي صلاح مشوري سان، فيصلا ڪري ڪم ڪرڻا هئا.” (2008، 116)

اڄ انسانن ۾ اختلاف کي برداشت ڪرڻ جي قوت نه رهي آهي، بلڪ اختلاف ڪندڙ سان دشمني ڪرڻ جو رواج عام ٿي ويو آهي. انهن حضور اڪرم ﷺ جي تعليم کي وساري ڇڏيو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو آهي:

“اختلاف راءِ کي برداشت ڪرڻ منهنجي پوئلڳن لاءِ رحمت جو باعث ٿيندو.”

جڏهن هڪ ٻئي جي عقيدي جو احترام ڪيو ويندو، تڏهن ئي محبت ۽ امن وارو ماحول پيدا ٿيندو. جنهن لاءِ انسان ذات جي خير خواهن هميشه ڪوشش ڪئي آهي سچل سرمست به پاڻ کي پڙ پيرن، مريدن، حاڪمن، ظالمن کان الڳ ڪندي، پاڻ کي ‘امن جو امير’ سڏائڻ پسند ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته هو ‘عشق جو اسير’ آهي.

نه مان مريد نه مان پير، ساري فقر جو فقير،
نه مان حاڪم، نه مان ظالم، آهيان امن جو امير،
نه مان طاعت نه مان تقويٰ، آهيان وره جو وزير،
نه مان گهمڻ نه مان گهتڻ، آهيان عشق جو اسير،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نہ مان ڪُڇڻ نہ مان پُڇڻ، آهيان دوست لئہ دلگير،
’سچوءَ‘ ٻڌ محڪم سر تي، محبت جو منديرُ.
**(سچل جو رسالو، ص 450)**

## حوالا


1. انصاري، عثمان علي (مرتب)، ’رسالو سچل سرمست‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع.
2. سيد، جي.ايم.، ’جيئڻ ڏنو آهہ مون‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2008ع.
3. محمود، ارشد، ’تصورِ خدا‘، فڪشن هائوس، 18- مزنگ روڊ، لاهور، 2010ع.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair